# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1998

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1998

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1998

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1998

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 20 جي ترميم
Amendment of section 20 of Sindh Ordinance XII of 1979

5. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 23 جي ترميم
Amendment of section 23 of Sindh Ordinance XII of 1979

6. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 37_A جي ترميم
Amendment of section 37_A of Sindh Ordinance XII of 1979

7. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 40 جي ترميم

Amendment of section 40 of Sindh Ordinance XII of 1979

8. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول جي ترميم

Amendment of Schedule of Sindh Ordinance XII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1998

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1998

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1998

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1998

[13 مارچ، 1998]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛ ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1998 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 ۾:<br>(i) شق (14) ۾، ذيلي دفعہ (c) ۾، لفظن "يا هڪ يونين ڪائونسل" لاءِ لفظن "هڪ يونين ڪائونسل يا ديهہ پئنچائت" کي متبادل بڻايو ويندو؛<br>(ii) شق (15) ۾، لفظن "يا يونين ڪائونسل" لاءِ لفظن "يونين ڪائونسل يا ديهہ پئنچائت" کي متبادل بڻايو ويندو؛<br>(iii) شق (A_17)(A_18) کي ختم ڪيو ويندو.<br>(iv) شق (47) ۾ آرٽيڪل 'a' ۽ لفظ ' محلي' جي وچ ۾، الفاظ 'ڳوٺ يا' داخل ويندا.<br>(v) شق (63) ۾، لفظ "يا ديهہ پنچائت" ختم ڪيا ويندا. | 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 3 جي ترميم<br>Amendment of section 3 of Sindh Ordinance XII of 1979 |
| 3. مٿي ذڪر ڪيل آرڊيننس ۾، دفعہ 10 ۾، ذيلي دفعہ (1) ۾، شق (b) ۾، ذيلي شق (i) کي ختم ڪيو ويندو. | 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 10 جي ترميم<br>Amendment of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979 |

| | |
|---|---|
| 4. مٿي ذڪر ڪيل آرڊيننس ۾، دفعه 20 ۾، ذيلي دفعه (1) ۾، لفظ "يا ضلعي ڪائونسل يا ديهه پنچائت جي ميمبر ڪي چيئرمين بڻجڻ تي يا، جيئن ڪيس هجي، يونين ڪائونسل جو ميمبر" ختم ڪيا ويندا. | 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 20 جي ترميم<br>Amendment of section 20 of Sindh Ordinance XII of 1979 |
| 5. ڄاڻايل آرڊيننس ۾، دفعه 23 ۾، شرطون ختم ڪيون وينديون. | 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 23 جي ترميم<br>Amendment of section 23 of Sindh Ordinance XII of 1979 |
| 6. مٿي ذڪر ڪيل آرڊيننس ۾، دفعه 37_A ۾، ذيلي دفعه (1) ۾، شرط جي لاءِ هيٺ ڏنل متبادل هوندا: _<br><br>"بشرطيڪ ته ڪو به شخص جيڪو چونڊ وڙهندو آهي، صرف ان ڪري چونڊ وڙهڻ کان نااهل نه ٿيندو جو هو ڪنهن سياسي پارٽي جو ميمبر آهي." | 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 37_A جي ترميم<br>Amendment of section 37_A of Sindh Ordinance |

| | |
|---|---|
| XII of 1979 | |
| 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 40 جي ترميم<br>Amendment of section 40 of Sindh Ordinance XII of 1979 | 7. ڄاڻايل آرڊيننس ۾، دفعه 40 ۾، ذيلي دفعه (5) کي ختم ڪيو ويندو. |
| 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول جي ترميم<br>Amendment of Schedule of Sindh Ordinance XII of 1979 | 8. ڄاڻايل آرڊيننس ۾، شيڊول 1 ۾، پيرا 2 ۾، شرطون ختم ڪيون وينديون. |

**نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**